# SINDH ACT NO.X OF 2014

# The Sindh Service Tribunals (Amendment) Act, 2014

# سنڌ ايڪٽ نمبر X، مجريه 2014

# دي سنڌ سروس ٽرائيبيونلس (ترميم) ايڪٽ، 2014

## (Contents) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ

(Short Title and Commencement)

2. سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريه 1973 جي دفعه 3 ۾ تبديلي.

Amendment of Section 3 of Act No XV of 1973.

# SINDH ACT NO.X OF 2014

## The Sindh Service Tribunals (Amendment) Act, 2014

## سنڌ ايڪٽ نمبر X، مجريہ 2014

## دي سنڌ سروس ٽرائبيونلس (ترميم) ايڪٽ، 2014

[20 مئرچ 2014]

ايڪٽ جنهن سان سنڌ سروس ٽرائبيونلس ايڪٽ 1973 ۾ ڦيرگهير آندي ويندي.

ان ڪري ايڪٽ کي هن ريت جوڙيو وڃي ٿو:-

تمهيد (Preamble)

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement.

1. (1). هن ايڪٽ کي دي سنڌ سروس ٽرائبيونلس (ترميم) ايڪٽ، 2014 دفتر داخلا (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 2014 ( The Sindh Service Tribunals (Amendment) Act, 2014)چيو ويندو.

(2) اهو ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو ۽ اهو سمجهيو ويندو تہ 7 آگسٽ 2013 کان لاڳو ڪيو ويو آهي.

سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريہ 1973 جي دفعہ 3 ۾ تبديلي.
Amendment of Section 3 of Act No XV of 1973.

2. سنڌ سروس ٽرائبيونلس ايڪٽ، 1973 جي دفعہ 3 ۾ ذيلي دفعن (3) ۽ (4) ۾ هن ريت تبديلي آڻجي ٿي:-

"(3) ٽرائبيونلس هڪ چيئرمين ۽ ٻن ميمبرن تي مشتمل هوندو، جن کي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي صلاح سان سرڪار هڪ دفعي لاءِ ٽن سالن جي مدت تائين مقرر ڪندي.

(4) (i) اهو ماڻهو جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج رهيو هجي، يا جج هجڻ جي اهل هجي، تنهن کي چيئرمين طور رکيو ويندو.

(ii) ٻہ ميمبر، انهن مان هڪ وڪيل رکيو ويندو، جنهن جو هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪرڻ جو ستن سالن جو تجربو هوندو ۽ ٻيو ميمبر سول ملازمن مان کو [BS-20] جو گريڊ وارو ڪنيو ويندو ۽ ان کي ترجيح ڏني ويندي جنهن کي جنهن جو قانون جي ڄاڻ جو تجربو هجي. انهن کي هڪ دفعو ٽن سالن

جي مدت لاءِ ميمبر مقرر ڪيو ويندو، پوءِ اهو مدو نوڪريءَ ڪرڻ واري آخري حد تائين هجي، يا ان کان اڳ واري وقت تائين هجي.

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**